احمد حسين ڪولاچي

# تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ مزاحمت جو تصور

## Concept of Resistance in the Poetry of Taj Baloch


### *Abstract:*

*Resistance is one of the essential human instinct by which Human being uses to get acceptance about his existence. History of resistance is as ancient as the history of Human being. Because in very start humans started to resist the natural disasters and changing weather. In mythology there is an important place for Resistance. In the history of Sindh there is series of resisting moments. Although the Sindh from very beginning remained nonviolent, peaceful and prosper Region; but in every tough period the people of Sindh strived to support their dignity, Homeland and Humanity. This resulted the region as flourish and prospers. That sumptuousness, richness and extravagance excited the foreign assailants to attack the Sindh. From Arabs to Britain many attacked and captured the Sindh. But time to time local people and Ruler resisted the invaders. The Poets and Writers of the region arisen there voice against foreigners and showed their naturals sincerity with soil. They with their intellectual power and wisdom resisted assailants and morally supported the local mob. Taj Baloch is one of them who resisted the outer forces at intellectual level. He played vital role during One Unit and MRD movement. In this research article I have depicted the concept of resistance in the poetry of Taj Baloch.*


سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر، صحافي، ايڊيٽر ۽ نقاد **تاج بلوچ** ولد مير نور احمد ٻُلو ضلعي سکر جي تعلقي پني عاقل جي تاريخي ڳوٺ سردار محمد مراد خان ٻُلي ۾ 25 مئي 1940ع تي جنم ورتو. سندن خاندان بنيادي طور تي ترقي پسند ۽ روشن خيال رهيو آهي. تاج بلوچ جي خاندان مان ڪيترن مٿير مڙسن ريشمي رومال تحريڪ ۾ پڻ ڀرو ورتو. جن مان عبدالقادر ٻلو گهڻو مشهور ٿيو. جنهن لاءِ انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ۾ آهي ته.” وطن دوست شخص عبدالقادر ٻلو 1894ع ۾ تعلقي پني عاقل ۾ ڄائو. انگريزن جي دؤر ۾ ريلوي پوليس جو انسپيڪٽر هو. **بمبئي** يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ ڪئي هئائين. امتحان دؤران هڪ **انگريز** انوبجيليٽر ياران مسلمانن لاءِ حقارت ڀريل جملن **چوڻ** تي هن جي ساڻس جهڙپ ٿي هئي، جنهن تي ڪيس ريسٽيڪيٽ به ڪيو ويو. هي جڏهن ريلوي ۾ انسپيڪٽر هو ته ڪيس مولانا عبيد **الله** سنڌيءَ جي گرفتاريءَ جا وارنٽ ڏئي هڙتال دوران ڪيس گرفتار ڪرڻ جو **حڪم** ڏنو ويو پر هن پنهنجن ياڻرن **حسن علي** ۽ نور احمد جي مدد سان مولانا عبيد **الله** سنڌيءَ کي، مولانا **تاج** محمود امروٽيءَ جي **چوڻ** تي امروٽ کان ڏاند گاڏيءَ ذريعي روهڙي پهچايو. جتان عبدالقادر ڪيس ريل ذريعي چمن تائين پهچائي باردر ٽپائي **افغانستان** موڪلڻ جو اعزاز ماڻيو.“(1)

ان ئی عبدالقادر ٻُلی تاج بلوچ جی پيءَ نور احمد بلو جی وفات کانپوءِ **تاج بلوچ** جی پرورش ڪئی ۽ کيس اعلیٰ تعليم ڏيارڻ جو بندوبست ڪيو. يعنی مزاحمت ۽ انڪار تاج بلوچ جی سرشت ۾ شامل رهيو آهی. تاج بلوچ 20 سالن تائين پاڪستان ٽيليويزن ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ خبرن ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪيو. سندس ريڊيو پروگرامن "صبح مهراڻ"، "سب رنگ"، "سرهی سانجهه" ۽ "گيتن ڀريون ڪهاڻيون" گهڻا مشهور ٿيا. تاج بلوچ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ناڻي کاتي ۾ ٽريزري آفيسر مقرر ٿيو. جتان کيس وقت کان اڳ رٽائرڊ ڪيو ويو. رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءَ **تاج بلوچ** هڪ ڀيرو ٻيهر ماهوار "سوجهرو" رسالو جاري ڪيو. جيڪو مسلسل سترنهن سالن تائين بنان ڪنهن وٿیءَ جی شايع ٿيندو رهيو. "سوجهري" رسالی جی سفر کی ۽ رسالی جي بند ٿيڻ کي ادبي حلقن پاران هڪ سانحو سڏيو ويو. پر تاج بلوچ ان وارتا تي "دک ناٽڪ" لکيو:

## دُک ناٽڪ

اڌ وهي، گذرڻ کانپوءِ
'سوجهرو' جاري ڪرڻ سان
پاڻ سوچيو هو ڪٿي؟
ايترا ڪي رنگ رچندا!!
نوجوانن هم خيالن جا ڪٺا ٿيندا هجوم
درد جي تمثيل جون
شرحون نراليون ٿينديون
روح جي زخمن جون ساريون دلڪشيون
لاٽ جو اهڃاڻ بڻجي مرڪنديون
اپ اکين تي ڏنڪ جا رنگ سپ
هڪ نئين چؤبول سان
جهرمر ڪري ايئن جرڪندا
ڪهڪشائون، برج سارا
جڻ سموريون رونقون ۽ روشنايون
روح جون رنگينيون ٿي ويندیون!!
زلف مهڪيا، پايلون چمڪي پيون
درد جن ونڊيو پئي
وينجهار سي چرڪي اٿيا
سوچ پنهنجيءَ کي وڏي مجتا ملي
اُپ اکين تي انوکارَت رنگن جا لٽا
روح جي زخمن جون ساريون دلڪشيون
هڪ گڏيل ميراث وانگر ٿي پيون
سِمرَ - هاڻا ذهن جي باقي هئا

رنگ جي آهنگ سان ڀڪجي پيا
روح جي زخمن کي ڄڻ مرهم ملي
اندلٺ جا رنگ سڀ
چٽئي پاسن تي ٻُريا
مچتا مچتا، هوڪرا
درد جي تمثيل جو ابلاغ ٿيو
۽ خوشين جا ڪيترا چشما ڦٽا
مايوسين جو انت آيو
’سوجهرو‘ وشواس جي احساس جو عڪاس ٿيو
سونهن جي جادو جي خوشبوءَ جو جڙيو وايو منڊل
سوچ پنهنجيءَ ڪان مٿي سڀ ڪجهہ ٿيو.
عاشقيءَ جي ان سفر ۾
هلندي هلندي ڪم ۾ ۽ ڪار ۾
تاج نالي شخص هو
جنهن گهڻو چاچوليو ووڙيو ٻہ هوندو
فرد سو تنها ٿيو
سونهن جي مانڊاڻ کي مهڪائيندي
هُن کان هُن جو دلربا وڇڙي ويو
ڦٽ ساوا ٿي پيا
درد جا ساڳيا اهيئي سلسلا
اڌ وهيءَ، گذرڻ کانپوءِ
سوجهرو جاري ڪرڻ سان
پاڻ سوچيو ڇا هيو ۽ ڇا ٿيو؟ (ت ب)

تاج بلوچ جو شمار غزل ۽ نظم جي بهترين شاعرن ۾ ٿئي ٿو سندس شاعري جا ڇهہ ڪتاب ڇپيل آهن. جڏهن تہ سندس هڪ ڪتاب تنقيد تي لکيل آهي. سندس ڪتابن جا نالا هي آهن:

(1) درد جو صحرا (1970ع)
(2) خوشبو جو زهر (1987ع)
(3) لفظن جو ماتم (1994ع)
(4) دل جزيرو اداس موسمن جو (2004ع)
(5) ڇڇريون ڇڇريون خواب (شاعريءَ جي ڪليات)
(6) گوندر گبرين ۾ (سندس شاعري جو انگريزي ترجمو جيڪو پروفيسر لطيف نوناري ڪيو آهي)
(7) ادب جو جديد تجزيو (2014ع)

سندس تنقيدي مضمونن جي ڪتاب ، "جديد ادب جو تجزيو" کي پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس پاران 2014ع ۾ شاهه لطيف تصوف ايوارڊ ڏنو ويو. ان ڪتاب ۾ تاج بلوچ صاحب سنڌي ٻوليءَ ۾ عملي تنقيد جي حوالي سان نوان لاڙا متعارف ڪرايا آهن.

شخصي توڙي نظرياتي طور تي تاج بلوچ هڪ نرالو ڪردار آهي. هو سچو، کرو، بيباڪ، نڊر ۽ بهادر شخص آهي. سندس اهي سموريون وصفون سندس شاعريءَ مان نمايان نظر اچن ٿيون. تاج بلوچ کي ننڍپڻ کان ئي فطرت جا منظر لڀائيندا رهيا. نسريل نوان ٻوٽا، وڻ، ٽڻ، پکي پوپٽ، گلاب جا ٽڙيل گل، ڪڪڙ جا ڪچڙا آنيون، مندون مينهوڳيون وغيره سندس شاعريءَ جو موضوع ته آهن ئي آهن. چاڪاڻ ته هو هڪ ڳوٺاڻو شاعر آهي، ۽ هن چيو هو:

سال ٿيا ها ڳوٺ مان نڪتو هو ڳڀرو چوکرو
گم اهو آهي ڪٿي گمنام تنهنجي شهر ۾

فطرت هوندئن به هر سوچيندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. فطرت لاءِ شاپنهار چوي ٿو:
"my entire inner nature is willing, desiring, striving urging and all the verities of affect and to or inhibits action."(2)

يا ايئن به چيل آهي ته اسان جي چوڌاري جيڪو ڪجهه آهي اهو فطرت سان سلهاڙيل آهي:
"… In one sense, everything is a part of nature for there is a sense in which nature is just the totality of everything."(3)

تاج بلوچ به پنهنجي چوڌاري جيڪو ڪجهه ڏٺو ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو. تاج بلوچ سنڌي ادبي سنگت ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو. جڏهن سنگت جون گڏجاڻيون مينارام هاسٽل ۾ ٿينديون هيون ته اتي تاج بلوچ نورالدين سرڪي، سوڀي گيانچنداڻي، ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، جسٽس حسين عادل، رشيد آخوند، رشيد ڀٽي، شيخ اياز، عبدالغفور انصاري، اياز قادري، موتي رام مهتاڻي، شيخ عبدالرزاق راز، ساجد سرشاري ۽ ٻين سان ملاقاتون ٿيون. تاج صاحب جي ڪارڪردگي کي ڏسي ڪيس پهرئين سال ئي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ جو جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. تاج بلوچ، 19 سالن تائين سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچي جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري رهيو. هن ڪراچي شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي سرگرمين کي چوٽ تي پهچايو، ۽ وسيع شهر جي ڪنبڪڙيچ ۾ غير متحرڪ سنڌي سياستدانن، وڪيلن ۽ ٻين شعبن سان واسطو رکندڙ اهم شخصيتن کي سنڌي ادبي سنگت جي مشن جي روح کي پهچايو.

تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ مزاحمت تمام وڏي پيماني تي موجود آهي. مزاحمت بنيادي طور تي فرد جي داخلي احساسن مان ڦُٽي نڪتل هڪ احساس آهي. تاج بلوچ پاڻ لکيو آهي ته:

"مزاحمتي ادب مهڙ کان ئي سنڌ ۽ سنڌين جي سڃاڻ رهيو آهي. سنڌي ماڻهن جي بهادري، رياستي جبر خلاف مهاڏو اٽڪائڻ، غربت جي ماريل ماڻهن جون ڪٿائون، روح جو اندريون ڪرب، عشق ۽ محبت جون ڪهاڻيون، رنج ۽ ملال جا احوال، ۽ عام ماڻهن جي مادي خوشحالي لاءِ ووڙڻ، سپاويڪ خوابن جي ساڀيا لاءِ

سنڌي شاعرن ۽ اديبن وڏي جوش، جذبي، امنگ سان هيٺئو هوندي بہ لفظن کي هٿيار بڻائي ڦورن، غاصبن ۽ ڏاڍن سان وڏي ويڙهہ ڪئي آهي.“ (4)

سنڌي ادب ۾ مزاحمت اهم موضوع رهيو آهي، خاص طور ورهاڱي کان اڳ يا ٿورو پوءِ ۽ وري ون يونٽ دوران يا ايم آر. ڊي تحريڪ دوران سنڌي ادب خاص طور شاعريءَ ۾ مزاحمت هڪ نئين امنگ ۽ رنگ سان شامل رهي. تاج بلوچ ون يونٽ ۽ ايم آر. ڊي تحريڪ ۾ فڪري سطح تي شامل رهيو ۽ علامتي طور تي يا سنئون سڌو اهڙي مزاحمت جو اظهار ڪيو. سندس نظم ”اڏمو“ اهڙي منظر نامي جو چٽو اظهار آهي:

## اڏمو...

هڪڙو اڏمو جو نڙيءَ ۾ اڇي اٽڪيو آهي
نئون ابلاغ ٿو چاهي سو نڏٽڪو اڏمو
بي حسيءَ جو ڪو حوالو هوندو
روح سان جسم جي سهڪار کي روڪي ٿو پيو
لفظ، اڏمي جي جوالا کان شناسا آهن
ظلم ۽ ڏاڍ جي قيدي لفظن
پنهنجو ويساهہ وڃايو ناهي
اهي آزادي جي منشور جو نقشو لکندا
حور، جمهور جو چهرو لکندا
سانحو ڏاڍو المناڪ، المناڪ قبول
پر هي الفاظ نئين موڙ تي سرموڙ ٿي بيهي رهندا
نئين ادراڪ سان نچندي ٽپندي
لفظ، آزادي جي احساس کي ماٽي ويندا
روشني بڻجي اهي لفظ سيهہ رات جو مرتيو لکندا
اهڙي اڏمي کي وڏي ساهس سان
نئين ترتيب ۽ تشڪيل عطا ٿي ويندي
لفظ، وئشيا جي بدن جيئن ڳڱاٽيل ڪاٽي
رت جي راندسي ڪيڏي ويندا
رت بي حس کي نوان چهڪ عنايت ٿيندا
سانحو ڏاڍو المناڪ آهي
رتُ ليڪن نہ اجايو ويندو
نئون سورج وري اپري پوندو
هڪڙو اڏمو جو نڙيءَ ۾ اڇي اٽڪيو آهي
نئين ترسيل ٿو چاهي اهو ڏٽڪو اڏمو.

(چچريون چچريون خواب: ص، 224)

تاج بلوچ جي ڪتاب, 'خوشبوءِ جو زهر' جي مهاڳ ۾ امير علي چانڊيو لکيو آهي تہ:

"تاج" پڻ ون – يونٽ واري دؤر جو شاعر آهي ۽ ان کان پوءِ ايوب خان وارو ساهہ منجهائيندڙ دؤر بہ متس گذري چڪو آهي. تن جنگين جي پوئگنا, مهانگائي, سياسي بدمعاشي ۽ سامراجي پروپيگنڊا وغيره اهڙيون شيون آهن, جن کان 'تاج' بہ ضرور متاثر ٿيو آهي ۽ سندس شاعريءَ ۾ اهڙا Temporal اشارا بہ موجود آهن. ليڪن هن ۾ آفاقي (Universal) اشارا جهڙوڪ عشق, محبت, آزادي, افلاس, ڪشمڪش, غمِ حيات, غمِ دوران, تنهائي, ناتمام خواهشون, تاريخ جو ڪرب, اميد وياس پڻ سندس شعري تجربي ۾ شامل آهن. ان سلسلي ۾ سندس ڪيترائي نظم مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. 'درد جو انگاس', 'پوپاڙيءَ جي پيهي تي' ۽ 'ٻڏيمان' وغيره مذڪوره Theme جي لحاظ کان ڪنهن بہ وضاحت جا محتاج نہ آهن." (5)

سندس شاعري جو اصل محرڪ ۽ مرڪز رومانيت سان گڏ مزاحمت آهي, پر بنيادي طور تي هو حساس فرد آهي, ۽ جيڪو ڪجهہ محسوس ڪري ٿو اهو لکي وٺي ٿو. جاويد سوز هالائي لکيو آهي:

"تاج هڪ حساس دل رکندڙ شاعر آهي. هن پنهنجي شاعري کي غم جانان يا ٻي صورت ۾ داخلي احساسن تائين محدود نہ رکيو آهي. هو پنهنجي ذات کان ٻاهر ڏسي ٿو, ڪيس پاڻ جهڙا ڪيئي دکي انسان ملن ٿا, جن جي دک جي نوعيت تہ مختلف آهي پر ان جي پوئگنا ساڳي آهي, تاج پنهنجي ذات جا رنگ نکيريا آهن ۽ خارجي "Objective" احساسن کي بہ شعرن ۾ سمايو اٿس. سندس هر غزل, نظم, قطعو سندس درد جو عجيب قصو آهي. تاج منهنجي چند پسنديده شاعرن مان آهي, جن وٽ شعر جو انداز بيان/ لهجو نج آهي. ان تي ڪنهن بہ سهيوڳي شاعر جو اثر حاوي ٿي نہ سگهيو آهي. تاج وٽ اظهار جو ڏانءُ نهايت دلفريب ۽ نرالو آهي.

زندگي گهاريم پئي گمنام تنهنجي شهر ۾,
پوءِ پيي سؤ سؤ لڳا الزام تنهنجي شهر ۾.

اظهار جو اهو ڏانءُ مون سندس ٿهيءَ جي گهٽ شاعرن ۾ ڏٺو آهي. تاج جا غزل ڪليل اکڻ, چانڊوڪي رات ڏکڻ جي هير ۾ پڙهندي من کي ڪيڏي نہ عجيب راحت ملندي آهي."لفظن جو ماتم" ۾ شامل غزل 'نظم' قطعا سندس دردن جا سڏيءَ يا اٽسڏيءَ طرح عڪاس آهن." (6)

تاج بلوچ جو نظم, "پڌرنامو"! هڪ نئين دؤر جي مزاحمت جو ترانو لڳي ٿو:

مان هلندس
مان هر حال هلندس
نئين راهہ جي هر اڪيلي مسافر سان هلندس
پٿون پير جنهن جا ۽ ليڙون لتا
انهيءَ ساڻ هلندس
مان هلندس
نئين واٽ تان ۽ نئين واٽ جي
هر اڪيلي مسافر سان هلندس
مان هلندس مان هر حال هلندس

اڪيلي مسافر سان هلڻ جو خواب ڏسندڙ ئي ته اصل ۾ انڪار جي جرئت ڪندڙ شاعر آهي. ۽ اهو تاج بلوچ جو وڏڙ آهي جو هو پير پٿون ۽ ليڙون لٽا هوندي به همت ۽ مزاحمت ڪري ٿو.

زخم هڪڙو ڪو هجي سو چينيان،
آئون سارو ئي ڦٽيو پيو آهيان.
منهنجا احساس صليبن تي ٽنگيل،
آئون هر دور ۾ پيڙيو آهيان.

هر دؤر ۾ پيڙجڻ جهڙو درد ڪو حساس شاعر ئي بيان ڪري سگهي ٿو ۽ تاج بلوچ بيشڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن وٽ هر دکايل ۽ محروم ماڻهوءَ جو درد آهي. ۽ هر ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻ جي جرئت ۽ همت آهي. پر ايترو ڪجهه لکڻ کان پوءِ به هو پاڻ کان پاڻ سوال ٿو ڪري ته:

هيترا شعر لکئي تاج بلوچ
جن کي شهڪارِ سخن، سمجهين ٿو
تنهنجي اشعارِ طرحدار مگر
درد ڪنهنجي جو مداوا به ڪيو

ڪوئي بيمار شفاياب ٿيو
پوري مزدور کي مزدوري ملي
فاقه مستن کي مليو ماني ڀِيو
ڪائي عريان جواني به ڍڪي

ڪنهن به فوٽ پاٿ جي رهواسيءَ کي
ڪو رهڻ لاءِ مليو آهه اجهو
رات ڪاريءَ ۾ جي پلجن ٿا گناهه
ڇئو پلا تن کي ٻنجو آيو ڪو

ڇئو ڇڏيو آهه وڌڻ تنهنجي سماج
ڪنهن جوان سال تمنا جو گلو
ڏاڍ جي هانءَ ۾ ٻرڇي به لڳي
خون جي باهه تي پاڻي به پيو

هيترا شعر لکئي دوست مگر
درد ڪنهنجي جو مداوا به ٿيا.(7)

مجموعي طور تي تاج بلوچ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ ترقي پسند، انسان دوست ۽ مزاحمت جو علم هٿ ۾ کڻي هلندڙ شاعر آهي. سندس شاعري بنيادي طور تي هڪ سچي، کري، بيباڪ، نڊر ۽ بهادر انسان جي احساسن جي ترجمان آهي. هن وٽ

هر ڏکايل لاءِ درمان ۽ هر جابر لاءِ للڪار موجود آهي. هن جي شاعريءَ جو محور ۽ مرڪز فرد ۽ ان جون گهرجون آهن. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ داخلي احساسن، اڪيلائين، ويڳاڻپ، ڳڻتي، مزاحمت، انڪار جي جرئت، جدوجهد ۽ جذبي جي ڳالهه ڪري ٿو. سندس شاعريءَ ۾ گڏيل مزاحمت کان ويندي اڪيلي فرد جي مزاحمت جي ڪٿا ملي ٿي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ اهم مزاحمتي دور ڏنو آهي. جنهن جي هر دور ۾ ضرورت محسوس ٿيندي رهي آهي.

## حوالا:


1. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد ڇهون، چيف ايڊيٽر، پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2012ع، ص، 520
2. Contemplating art: Essays in Aesthetics Levisohn Jerrold , clarendon press london2006, P.358
3. The Aesthetic Appreciation of Nature, Malcolm Budd, Oxford university press, N. York, P.2
4. جديد ادب جو تجزيو، تاج بلوچ، سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي،2014ع، ص، 63
5. خوشبوءِ جو زهر، امير علي چانڊيو، ڪلا پبليڪيشن ڪراچي، 1987ع، ص، 6
6. جاويد سوز هالائي، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1995ع، ص، 28
7. بلوچ تاج، ڇچريون ڇچريون خواب، سوجهرو پبليڪيشن، ڪراچي،2014ع، ص، 120